مجموعه "الاربعون المدنية" جو چاليهون ڪتاب

مدني آواز

بقلم


پير طريقت رهبرِ شريعت

حضرت پير

محمد اڪرم الله نازي قادري نقشبندي

المعروف دلبر سائين مدظله العالي

سجاده نشين خانقاه عاليه فضل آباد شريف مٽياري



مدني آواز

شاعري

صاحبزادهٔ حضرت پير خواجه محمد ڪرم الله الاهي نقشبندي قادري

دلبر سائين مدظله العالي **مدني**

سجاده نشين خانقاهه عاليه فضل آباد شريف ماتلي.

نالو: مدني آواز

موضوع: شاعري.

شاعر: پير دلبر سائين ماتلي.

تعداد: يارهن سو.

سنِ اشاعت: شوال المعظم 1436 هہ

ڇپائيندڙ: فقير محمد نواز "مجذوب"

رابطي لاءِ اي ميل :

Karami663@gmail.com

اسان سان ملو:

هي ڪتاب ۽ دلبر سائين جا پيا ڪتاب پڙهڻ ۽
سندن تقريرون ٻڌڻ لاءِ حاضر آهي ويب سائيٽ:

www.peerdilbar.com

سدا وڄن سڪ جا، سيني اندر ساز،
اُڏائي ارواح کي، شوق وارو شهباز،
سِٽون آهن سِڪ جون، نِڪتيون منجهان نياز،
متو "مدني آواز"، نڪتو منهنجي نينهن مان.

مِٺي "مدني آواز" جو، جنهن تي پيو پَڙلاءُ،
اتري ويو اندر ۾، گهٽ ۾ آيو گهاءُ،
آکَرَ اُلفت پريا، لفظن ۾ آلاءُ،
حقيقت آ حال جي، ڪونهي ڪو به وڏاءُ،
سيني آيو ساءُ، نڪتو آب اکين مان.

"مدني آواز" ڪتاب کي، پڙهو منجهان پيار،
ڏوئي ڇڏي دل کي، وهن نيڻن نار،
سِٽُن ۾ سُرهاڻ ۽، قلبن جو آ قرار،
جوڙيو هيرن هار، "ڪرم الله" جي قلم آ.

پيش لفظ

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ سيد الانبياءِ والمرسلين وعليٰ آله وصحبه اجمعين اما بعد:

شعرَ اندر جو آواز هوندا آهن. شاعر جون اکيون جيڪي مناظر ڏسن ٿيون، ان جو ذهن ۽ ضمير جيڪي ڪجهه سوچي ٿو، ان لوچ ۽ سوچ جو اظهار اهو شعر جي صورت ۾ ڪري ٿو. پوءِ اها فطرت جي نظارن جي منظر ڪشي هجي يا پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي تخليات جي نيرنگي هجي يا وري فلسفهءِ زندگي جا گوناگون راز ۽ نياز هجن. شاعر پنهنجي روح جي رمزن کي لفظن جي روپ ۾ سماج اڳيان پيش ڪري ٿو. پوءِ اهو ٻڌڻ ۽ پڙهڻ وارن جي سوچ ۽ فڪر تي آهي تہ اهي ان مان ڪهڙي هڙ حاصل ٿا ڪن؟ شاعر جا الفاظ انهن جي ڪنن کي اوړانگهي صدا بصحرا بنجي وڃن ٿا يا ان جي تن ۽ من ۾ اُتري وڃن ٿا.

شاعر جي الفاظ ۾ جيتري قدر سچائي ۽ حقيقت پسندي هوندي آهي، اوتري قدر ان جو ڪلام ذهنن ۽ ضميرن کي لوڏي وجهندو آهي. اگر اهو ڪلام نوراني آهي تہ قلب ۽ باطن کي روشن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ضميرن جا جا زنگ لاهي ڇڏيندو آهي. ستلن کي سجاڳ ۽ غافلن کي خبردار ڪندو آهي. اگر اهو ڪلام ظلماني هوندو آهي تہ ماڻهن جي من کي ميرو ڪري وجهندو آهي.

آءٌ کو شاعر يا سخن ور نہ آهيان پر ڪڏهن مَنُ موج ۾ ايندو آهي تہ ڪجھہ سِٽون سِرجي پونديون آهن. اهو اصل ۾ منهنجي اندر جو آواز هوندو آهي. هن ڀيري جڏهن رمضان المبارڪ 1436 ھہ ۾ مدينہ منوره ۾ مقيم هيس تہ الله ڪريم پنهنجي فضل ۽ عطا سان هن ناچيز کي اها عنايت فرمائي جو ان دوران چاليھہ ڪتابن جي لکڻ جي شروعات ڪيم. ان مجموعي کي "اَلْاَرْبَعُوْنَ الْمَدَنِيَّةُ" جو نالو ڏنو اٿم.

پنهنجي رهائش گاھہ ۾ يا مسجد نبوي شريف ۾ ڪتابن لکڻ ۽ روزمره جي معمولات کان اضافي جيڪو وقت ملندو هيو ان ۾ هي ٻول لکي وٺندو هيس. ڪڏهن رستي سان ايندي ويندي کي شعر ذهن ۾ اچي ويندا هئا تہ انهن کي پنهنجي موبائيل جي وائس رڪارڊر ۾ محفوظ ڪري وٺندو هيس ۽ پوءِ اقامت گاھہ ۾ اچي اُهي قلم سان لکي وٺندو هيس. ان طرح هي ڪتابچو لکي ورتم. آخر ۾ ڪجھہ شعر اهڙا آهن جيڪي اڳ ۾ لکيل هئا پر اڻ ڇپيل هئا، اُهي بہ هن مجموعي ۾ شامل ڪيا اٿم.

مدينہ منوره ۾ رهائش ۽ پنهنجي گھر سبب هاڻي آءٌ پاڻ کي "مدني" يعني مديني جو رهواسي سمجهان ٿو. ان ڪري پنهنجي نالي سان گڏ "مدني" لفظ لکڻ شروع ڪيو اٿم.

جيئن تہ هي ڪتاب سواءِ چند آخري شعرن جي ساروئي مدينہ طيبہ ۾ لکيو اٿم. ان ڪري هن ڪتاب جو نالو بہ "**مدني آواز**" رکيو اٿم. هن شعرن ۾ هڪ حصو مثنوي آهي، جيڪي بہ سِٽا بيت آهن، جيڪي ڪريما واري سُر ۾ آهن. ٻئي حصي ۾ شاھہ سائين جي بيتن جي طرز تي بيت آهن.

جيڪي ڪي ٻه سِٽا تہ ڪي ٽي سِٽا تہ ڪي ان ڪان اچا وڌيڪ سِٽُن وارا آهن.
ٽئين حصي ۾ غزل ۽ ڪافيون ۽ وايون آهن.

آخر ۾ ڪجهہ اشعار ”**هو جمالوءُ**“ جا آندا اٿم. هي اسان سونهاري سنڌ جي ثقافتي لوڪ گيتن جو هڪ قسم آهي. جيڪو ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. هڪ ماڻهو شعر جا الفاظ پڙهي پورا ڪندو آهي تہ ٻڌڻ وارا هڪ ترنگ ۾ گڏجي ”**هو جمالوءُ**“ چوندا آهن. انهن لفظن ۾ هڪ خوشيءَ جي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. جو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا من مسرور ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي چهرن تي مسڪراهٽون اچي وينديون آهن. ”**هو جمالوءُ**“ ڪنهن ڪم جي ڪاميابي يا ڪنهن شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. مون ”**هو جمالوءُ**“ کي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. ڇو تہ اسلام ُقومن جِي ثقافت ڪان منع نہ ٿو ڪري. تاوقتيڪ ڪنهن ڪم بابت ڇٽي ممانعت وارد ٿيل نہ هجي. آءُ پڙهڻ وارن کي گذارش ڪندس تہ اهي پنهنجي خوشين جي موقعن تي مسجدن کان ٻاهر هو جمالو جا شعر پڙهي سگهن ٿا.

الله ڪريم منهنجي ڪاوش کي قبول فرمائي. آمين يا رب العالمين.

محمد ڪرم الله ”مدني“

جمعة المبارڪ 16 رمضان ڪريم 1436 هہ

المدينة المنورة علي صاحبها الصلاة والسلام




بسم الله الرحمن الرحيم
مثنوي

مناجات

آهين مالڪ الملڪ تون ذُوالجلال،
ڄڀارين تون مارين تون لاهين مَلال.
آهين باد شاهن سندو باد شاهه،
حڪومت ڏين جنهن کي آهين شهنشاهه.
توئي حڪمِ ڪُن سان جوڙيا جهان،
فَلڪ عرش ڪرسي زمين آسمان.
قائم تنهنجي ڪرسي ۽ عرشِ عظيم،
امُرُ تنهنجو مضبوط ۽ مستقيم.
هوائون حڪم سان تنهنجي هلن،
ڳڙا مينهن ڪارا ڪڪر ٿا وسن.
ڳپين منجهه قطرا جمع جو ڪرين،
سٺيون صورتون تن مان پيدا ڪرين.
عجب رنگ رنگي تو جوڙيا جبار،
اونهارا ۽ سيارا ۽ موسم بهار.
فضائن جي فُسحت ۽ وسعت وڏي،
آهي عجب ۾ جنهن بہ جهاتي وڌي.
جي اونهي سمنڊ ۾ ٽيون پيڙيون هلن،
جبل جيڏي موجن جي وچ ۾ ترن.
جڏهن تيز طوفان تِن تي اچن،
تو کي اُتِ مسافر سنڀارن سڏن.

او الله تـــن جـــا تـــون ســـڏڙا سُـــٺين،
انهـــن كـــي كنـــڌي ۾ كنـــاري كـــرين.
مســـافر مُنجهـــي جـــڏ جهـــنگن ۾ پـــون،
ســـي مـــايوسُ مـــوٽي ٿـــا تـــو كـــي ســـڏن.
ســـڏن ۾ ٿـــين ســـاٿي لهـــين ســـندن ســـار،
تـــون جـــيءُ جـــيءُ چـــوين ٿـــو كـــري جـــو پكـــار.
آهـــي آســـمانن ۾ ظـــاهر زمـــين،
حكومـــت تنهنجـــي احكـــم الحـــاكمين.
مگـــر پـــوءِ بـــه مشـــرڪ مُنجهـــي ڇـــو پيـــا؟
بـــتن جـــي اڳيـــان كـــورنش كـــن پيـــا.
كـــائنـ۾ پيـــئن تنهنجـــي تختـــي رهـــن،
الئـــي ڇـــو غلامـــي ٿـــا غيـــرن جـــي كـــن؟
آهـــي مشـــركن لئـــي عَـــذَاب شـــديد،
جهـــنم جـــي بـــاهين جـــي بلكـــل وعيـــد.
تـــون ســـتار تـــو كـــي ســـڏڻ آ ســـعيد،
تنهنجـــو در ڇـــڏڻ آ ضـــلال بعيـــد.
تـــون غفـــار غـــافِرُ ۽ رَبُ رحـــيم،
عَلِـــيم عظـــيم عَزيـــز حَكـــيمُ،
تـــو محبـــوب مـــدني تـــي لاٿـــو قـــرآن،
آ توحيـــد تنهنجـــي جـــو تـــنهن ۾ بيـــان.

ڏنو توئي تورات موسيٰ کي نور،
۽ دائود کي تو ڏنو هو زبور.
۽ انجيل عيسيٰ تي نازل ٿيو،
۽ قرآن مدنيءَ کي حاصل ٿيو.
انهن سڀ صحيفن ۾ تنهنجي ثنا،
تنهنجي ذات قائم ٻي هر شيءِ فنا.
نبين ۾ نِروار آ مصطفيٰ،
پرين پاڪ پڳدار نور الهديٰ.
آهي اسم ۽ جسم ۾ بي مثال،
ڏنو تو انهيءَ کي آ قادر ڪمال.
اسان عاجزن کي عطا ڪر قرار،
تنهنجا آهيون ٻانها اي پروردگار!
اسان کي عبادت سندو عشق ڏي،
محمد (ﷺ) جي محبت سندو مُشڪ ڏي.
وڏائين ٿو ان کي ڪري جو شڪر،
آهين ساڻ ان جي ڪري جو صبر.
تنهنجا پاڪ نالا سڀوئي ستا،
اثر آ انهن ۾ سي ماکيان مٺا.
پنهنجي پاڪ نالن جي صدقي ستار!
اسان عاجزن کي تون ڪلمي تي مار.

لا اله الا الله محمد رسول الله ﷺ

فريادِ دل:

اٺئي پهر آهي اندر ۾ اُڪير،
ڏنا ٿم جدائي جگر منجهه جهير.
وري يار هڪوار ڦيرو ڪيو،
سڪان سوز ۾ پاءِ لالڻ ليو.
ڪائي رات راٽا رهي ڪر رهاڻ،
ننگي آهين نرمل پنهنجو ننگ سڃاڻ.
مون ۾ عيب آهين هزارين هزار،
ڏکين تان نه ٿيندس خلق ۾ خوار.
تنهنجي مهر منهنجو اجهو آسرو،
تنهنجو آهيان توڙي پلو يا برو.
نماڻي ويڳاڻي متان ڪر مِهر،
لطف ساڻ لاهين سڀئي لُڙ لهر.
پرين تو ڪي پرديس ۾ پارتون،
مسافر جو پيڙو پڌل تار تون.
ڏيکارج ڏکاري کي جاني جمال،
لهن درد دل جا ۽ مَنَ جا ملال.
رُڳو روح راڙو پلئه ۾ پيو،
جدائي آ جانب ڪر اڙو ڪيو.
ٿيا حال هيڻا نه چارو چلي،
ادا سڻ ڪهين سان سُخن هي سَلي؟

ڏکن ۾ ٿا گذرن سندم ڏينهڙا،
وصل جا وسائين مون تي مينهڙا.

تڙپ آهي تن ۾ ءِ تنهنجي تنوار،
صبح شام سانجهي آ پلپل پچار.

مِلن روز مهڻا خلق تي کلي،
جدائي ۾ جاني جگر ٿو جلي.

منهنجي من جا محرم او دل جا ڏڻي!
وسائج مون تي قرب جي ڪا ڪَڻي.

ڪَسايون ڪچايون ڪرين مُحب معاف،
ڪرين قرب سان منهنجي سيني کي صاف.

حبيبا هڪل ۾ ٿي حامي حضور!
ڪرين نظر تيندا هڙئي درد دور.

جهانن مٿان آهين رحمت ربي،
ڪريما تنهنجي ڳالهه ڪهڙي ڪبي؟

سخاوت آ سهڻا تنهنجي دائما،
مون تي مهر ڪر ڪا ابوالقاسما!

حمايت ٿي گهرجي تنهنجي هاشمي،
ڪِ وَالله مُعطِي وتُو قاسمي.

تنهنجي در جو نوڪر "ڪرم الله" غريب،
مرڻ مهل ٿئي ان کي ڪلمو نصيب.

لا اله الا الله محمد رسول الله ﷺ

اندر جو احوال

متا تنھنجي محبت آ من ۾ مُدام،
اکيون روز روئن صبح توڙي شام.
کيان حال کنھن سان ٿو ھر کو کِلي،
جدائي ۾ جانب جگر ٿو جلي.
کيو تنھنجي ڪَاڪُل قلب کي کباب،
جڏھن کان مون پيتو آ شوقي شراب.
کري لطف لالڻ کو پائين لِيو،
ته روشن ٿئي روح وارو ڏيو.
متا جي نه موتي تون ايندين وري،
ته ويندس وره منجھه مترا مري.
مسافر جي محبوب پارت ھجئي،
لاھين ڏک ڏھاڳڻ جا سارا سيئي.
تنھنجي عشق آري ويرا اڳڻ وتان،
پنھنجي دل تان دلبر تون لاھين متان.
کٺي نيڻ نرمل نھارين نه ٿو،
چوان کنھن کي کاڏي کيان منھن متو؟
جدائيءَ جو جانب قلب منجھه کانُ،
منھنجي درد دل کي چِٽا چاٽي جھان؟
وٺي وچ متا ھن نماٽيءَ کي نال،
بي واھي جي واھر سگھو لھه سنڀال.

نه ڏس عيب آري ننگي ننگ سڃاڻ،
رهي رات ڪر تون اوراڻا رهاڻ.
نگاهِ ڪرم ڪر نماڻيءَ مٿي،
وري واڳ وارج ويڳاڻيءَ مٿي.
محبت جو مِسمار[1] من ۾ هڻي،
وئين دل جگر جان جاني ڪٽي.
وري ڪڏهن ورندين مٺا مون جگر،
آهيان انتظارن نماڻي نڌر.
"ڪرم" جو قلب قرب ۾ آڪباب،
رڳون روح واريون وڄڻ جيئن رباب.
هلي ڪونه حيلو وسيلو نه وس،
منهنجا درد دلدار توري ته ڏس.
مرڻ کان اڳي موت هر هر ڏسان،
جدائي جا صدما پيو پلپل پسان.
اچين جي عجيبا! منهنجي گهوٽ گهر،
ڪرين جي ڪميڻيءَ تي نوري نظر.
ڪيان سيج سينوءِ چوٽا چڳون،
اچي ڏي اکين تي اولالڻ لتون.
وڇوڙي وڍِي دل جگر جهور ٿيو،
نه سنيران اهو ساههُ نا پور پيو.

---

[1] ڪوڪو

ويرا اڳڻ وڏيل ڪان نہ ٿي دوست دور،
ميٺا منهنجا ماهي ڪيم جي قصور؟
مٺا مون کي جاني ڪو جلوو پساءِ،
مون کي سڪ ۾ ساجن نہ ايڏو سڪاءِ!
ڏِري ڪول دلدار ديدار جي،
پسان جهلڪ سهڻل جي سينگار جي.
پسائج پنهنجو پاڪ چهرو حسين،
ڪنڍيا پنهنجا ڪاڪل نرم نازنين.
هٿائج حبيبا هي بردِ يمن[1]،
پسان سرو قد سهڻو سيمين بدن.[2]
اکيون روز آتيون وهائن ٿيون نير،
پيشاني پسڻ سان ٿئي دل سڌير.
پيشاني تنهنجي پاڪ وجہُ المنير،
ڏسان ڏک لهن مون مديني جا مير!
سڪايل جا سڏڙا سڻي ڪر ڪرم،
آهين مون مسافر جو پير جهل پرم.
آهي دل سندي آس آرِني[3] اکير،
پساءِ جهلڪ پنهنجي سگهو ٿئي سرير!

---

[1] يمني چادر.
[2] چاندي جهڙو چمڪدار بدن.
[3] مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ!

تـــڏي تـــي آيـــل جـــو ننگـــي ننـــگ ســـچاڻ،
رهـــاءِ پنهنجـــي پـــاڙي ســـڪايل ڪـــي ســـاڻ.
تنهنجـــو نـــام نرمـــل پچايـــان پـــرين،
مـــون تـــي مهـــر اومـــ لقـــا ڪـــا ڪـــرين.
نمـــاڻيءَ ســـندو ننـــگ رکجـــانءِ رســـول،
ڪجـــانءِ "ڪـــرم الله" ڪـــي قـــرب ۾ قبـــول.
تنهنجـــي تـــار تـــن ۾ صـــبح تـــوڙي شـــام،
عليـــڪ الصـــلواة وعليـــڪ الســـلام!



سفر نامہ حرمين شريفين

مديني جي محبت هيم تن ۾ تار،
ڏسان شل مدينو اچي ڪو قرار.
گهريم روز دعائون ڏٺي پاڪ در،
محمد مني (ﷺ) جو ڏسان شل شهر.
مدينو مڪو شال ڏوري ڏسان،
پڙهي پاڪ عمرو مديني رَسان.
سڪيس سنڌ ۾ پئي صبح توڙي شام،
رنم پئي وني روز نرمل جو نام.
اچانڪ ڪئي مهرباني مجيب،
گهرايائين گولي کي حضرت حبيب.
ڪئي مهرباني مٿم رب ستار،
ڏيکاريئين ڏکايل کي پِرين جو پار.
سفر منجهه نڪتس لٿا من ملال،
ڪيا قرب ياسين اختر جهتيال.
عنايت انهن ڪئي وساري سگهان؟
دعائون انهن لاءِ دم دم گهران.
ستاويهين سومر ۽ شعبان ماهه،
چوڏهن سوءِ ڇٽيهه جو سال ساهه.
ڪراچيءَ مان پرواز ٿي پرينءَ پار،
مٿل وطن پنهنجي ڏي موڙي مهار.

هوائي پکي آهي "ايئر بلو"،
کيئين لال لوڏن لڳن جو لهو.
جدي منجهه جڏهين لٿو هي جهاز،
پيا "مرحبا" کن ۾ عربي آواز.
سدا آهي سُرهي اها سرزمين،
رهي جنهن ۾ منهنجو محمد (ﷺ) امين.
ڏٺي جي ڏُٺيل آ اها ئي زمين،
پلي بخت وارا مکان و مکين.
جدي منجهه ٿيو جهٽ گهڙيءَ جو آرام،
اتان پوءِ عمري جو پاتم احرام.
هو تلبيو ترانو اللهم لبيک،
تنهنجو ناهي ساجهي تون هڪڙوئي هيک.
ڪاهي ڪار آيو مکي مان صلاح،
جتوئي مولاداد آ واهه واهه.
حدودِ حرم ۾ جو ٿي حاضري،
پيا هاڻ ۽ جگر جيرا تري.
جڏهن بيت ربي اکين سان ڏٺم،
ڳڙي پيام ڳوڙها ۽ روئي چيم.
ڪروڙين ڪرم تنهنجا لک لک شڪر،
ڏيکاريو تو ڏاتر ڏٺي پنهنجو در.

مون ۾ عيب آهن بديون بيشمار،
ڪرين معاف آهين غفور و غفار.
ڪُلئي تو کي پرتا هي "**ڪرمي فقير**"،
ڪرين ڪرم تن تي تون قادر قدير.
باري بخش محبوب جا امتي،
هڙن جي مٿان نظر ڪر رحمتي.
لاهين غم الم تن پريشانيون،
عطا ڪر انهن نينهن نيشانيون.
ڪيم پوءِ ڪعبي جو ٻوڙي طواف،
هئي پڪ ته تي ويون مديون منهنجون معاف.
پيتم پوءِ زمزم ٺري پيو جگر،
لهي ويا لڳن تان سيئي لڙ لهر.
"صفا" تي چڙهي پوءِ سُڏڪا ڪيم،
لاهين منهنجا مالڪ جماعت جا غم.
هليس پوءِ محبت مان "مروي" طرف،
دعائن جا دمدم هُيا مون حرف.
پاتم ٻوڙ جت آيون سايون بتيون،
امان هاجره جاتي ٻوڙون پريون.
آيو ڏاڍو ٻوڙڻ ۾ قلبي قرار،
ڏئي پاند پردو ستر ڪر ستار.
پڳس جڏهن مروي جبل جي مٿان،

چوان ڇا اهي لفظ آڏيان ڪتان!
سخاوت عنايت جا وسڪار ٿيا،
اتي دلربا جا ڪي ديدار ٿيا.
جڏهن ڪيم پوري سعي ست چڪر،
مِلي مون کي معافيءَ جي خاصي خبر.
اچي پو ڪتايم مٿي وارا وار،
وهي پيا شڪر منجهه نيڻن جا نار.
عنايت اها ڇا ڪيان آءُ بيان،
قلم آهي عاجزءِ هيٺي زبان.
رهيس چار راتيون مڪي پاڪ ۾،
عطائن سخائن جي اوطاق ۾.
ڏنو چنڊ رمضان يوم الخميس،
ڪندو بخت وارن سان ڪهڙي ڪوريس؟
وري پيو ٻه عمرو جمعي رات ٿيو،
وڏو ڪرم ان رات پرپيات ٿيو.
حبيبن جو فرمان ذيشان آ،
ڪرڻ عمرو رمضان ۾ مانُ آ.
پڙهيم پو مڪي ۾ جمعي جي نماز،
مديني هليس پو منجهان عجز نياز.
مديني ۾ آهي بهاري وڏي،
اتي مون ٻه آهي ڪا جهوپي اڏي.

عنايت اها آهي الله جي،
محمد (ﷺ) مديني سندي شاهہ جي.
مديني ۾ آهي دلين جو قرار،
مِلي اُت مسافرَ ڪي پنهنجن جو پيار.
آهن عاشقن جون ڪي فوجون لتل،
سين جون سنيارون لهي پيو متل.
آهي عيد جهڙي هتي هر گهڙي،
ٿري ٿي پوي هتڙي دل جي دڙي.
هتي شال پوري ٿئي مون عمر،
ڪرين ڪرم مون تي لهن لڙ لهر.
جڏهن پاڪ پرين جي ٿي حاضري،
جهين لاءِ دلڙي هئي دمدم چري.
محمد متو آ حيات النبي،
سندس قرب جي ڳالهہ ڪهڙي ڪبي؟
پڙهيم پوءِ پِرتئون صلاتون سلام،
ڪرين مهر متڙا مديني جا جام!
پرين توکي پرتا هي ڪرمي ڪُلئي،
پنهل پنهنجي امت جي پارت اٿئي.
پرين پنهنجي پاڙي ۾ مون کي رهاءِ،
مديني جو مون کي مجاور بناءِ.

مديني جا ماڻهو


مديني جا ماڻهو مٺا مون ڏٺا،
عجب تن جا اخلاق سهڻا سُٺا.
وفادار غمخوار ۽ يار ويس،
سڀاجها سدورا نه طبيعت ۾ تيز.
سخاوت انهن جي آهي بي مثال،
مِٺا مور ماڻهو نه ڪاوڙ جلال.
آهن مهر وارا سڀاجها صفا،
محبت مودت ٿين نا خفا.
لڙن ڪون ڪنهن سان نه جهيڙو جدل،
مهر ۽ مروت، عبادت عدل.
اندر ۾ انهن جي قرب ۽ قياس،
اڇو زور سهڻو سندن آ لباس.
عجب آ انهن جي جُبي جو جمال،
مٿن نوڙ ڪارو ۽ ڳاڙهو ٿوال.
ويهي پاڻ ۾ جڏ ٿا گفتار ڪن،
ڪِلن ۽ مِلن ٿا ته ڏاڍو ٺهن.
پرينءَ جي آ پاڙي جو تن تي اثر،
تڏهن تن ۾ محبت ۽ مهرِ نظر.
سندن ميزباني آهي بي مثال،
لَڙِي ڪو اچي ان تان ٿيندا نهال.

انهن جي زبانن تي ذڪرِ خدا،
شُڪر حَمد لله ۽ سُبحَانَ الله.
سي صنعت ۽ حرفت ۾ عالي دماغ،
تجارت ۽ پوکن کجورن جا باغ.
فليتن ۽ فِلن ۾ راڻا رهن،
ڪشادن گهرن جي نه عادت اٿن.
گهريلو سندن زندگي ۾ فراح،
حرم پاڪ نبوي ۾ پڙهجن نڪاح.
نه ويندو ڪهين ياءُ جي گهر ۾ پاءُ،
مگر جي اجازت ۽هوندو سُياءُ.
سهل بي جدل سي گهرن جي اندر،
پڪو تن ۾ پردو آ گهر کان ٻهر.
سباجها سي زالن کان ڏاڍو ڊڄن،
پگهارون ڪمائي سندن هٿ ڏين.
هلائن جيئن گهر آ راڻيُن رضا،
گهرن ۾ محبت ۽ فرحت فِضا.
حڪومت ۽ قانون جو ڪن خيال،
نه سياست مان چاڻن نه ميڙن ٿا مال.
نندا ۽ ستا گهر ۽ گاڏيون قندهار،
ملي تن کي هجري مهيني پگهار.

نمازن جا پابند صائم سيئي،
عبادت تلاوت اندر رات وئي،
سمهن نا سياڳا ٿا راتين اندر،
آ آرام تن وچ فجر ۽ ظهر.
ملهائن ٿا رمضان کي شوق سان،
عبادت ذڪر زهد ڪن ذوق سان.
بازارون ۽ دفتر ڪليل رات ۾،
ننڍيا پار ڪيڏن ٿا پرڀات ۾.
ڪمائن جو ذوالحج ۽ رمضان ۾،
ڪائن سال سي دارِ ايمان ۾.
ڪجورن ۽ قهوي جي رغبت رکن،
ڪائن خود ۽ مهمان کي پيش ڪن.
وڏي تن جي قهوي ۾ قوت ڪمال،
ڪري صاف معدو وڌائي جمال.
جي نڪرن گهرن مان ٿا ڪم ڪار سان،
ٿرن سائي روضي جي ديدار سان.
ڪُپت ڪوڙ ڪونهي تني ۾ تَبرُ،
آهي پاڪ پاڙي جو تن تي اثر.
سچو صاف سُني عقيدو انهن،
حبيبن جو ميلاد هر روز ڪن.

ڪيا تن جا قادر نرالا نصيب،
مِليو جن کي پاڙي ۾ حضرت حبيب.
جني جو آ ڄيران[1] خود مصطفيٰ (ﷺ)،
شفاعت ڪندو تن جي يوم الجزاء.
ڪرم "ڪرم الله" تي بہ قادر ڪيو،
نصيبن ۾ پاڙو پرينءَ جو پيو.
ڏنو آهي ڏاتر مديني ۾ گهر،
تيس آءُ "مدني" هي رب جا شڪر.
اچا پڻ ڪندو ڪرم حضرت حبيب،
مرڻ مهل تيندو ۾ ڪلمو نصيب.
لااله الا الله محمد رسول الله ﷺ

[1] پاڙيسري


بسم الله الرحمن الرحيم
بيت

(1)

تون رب آهين رحمان، تون قادر تون قدير،
بچا بدڪارن کان جيڪي شيطاني شرير،
ملائڪ محبوب سان، جو مديني جو مير،
ڪرمي ڪل فقير، آهن تنهنجي آسري.

ڪَرِمين مٿي ڪرم جي، ڪريم ڪر نظر،
لاهين پنهنجي لطف سان، لحظا لُڙُ لهر،
مالڪ مهر ڪر، ته ڏور ٿين سڀ ڏڪڙا.

(2)

اڄ پـــــرين اوچتـــــا، يـــــاور[1] يـــــاد پيـــــام،
جانـــب جـــي جـــدائي ۾، ڳوڙهـــا پئـــي ڳاڙيـــام،
اڄهـــو پـــرين آيـــام، ڏينـــدم ســـيبا ســـاهہ کـــي.

منهنجـــو ســـاهہ سَـــتُن ۾، جانـــب جلـــي جـــيءُ،
روئـــان ويهـــي رات ۾، جيـــئن کـــا چـــوري ڏيءُ،
وصـــل واري ويُ، ماڻينـــدو کـــڏ "کـــرم الله".

پـــرين تنهنجـــي پيـــار ۾، چريـــو چـــوي لـــوڪ،
منهنجـــي هيڻـــي حـــال تـــي، تـــرڙن ٻـــڌي تـــوڪ،
ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، ڪونهي ڪنهن کي روڪ،
جانـــب تنهنجـــي جهـــوڪ، وهـــوا مـــون وجـــود ۾.

تنهنجـــو عشـــق ازل کـــان، ســـانديم انـــدر ســـاهہ،
تنهنجـــي درد دريـــاء ۾، لُڙهـــي ويـــا لاهـــہ،
عشـــق واري آهـــہ، مـــون کـــان مـــور نـــہ وســـري.

---

[1] دوست. يار، مددگار، مُعاون

تنهنجــــي واٽ وٺـــــي، ويـــــنس مَـــــنَ وريـــــن،
ڪاهـــل مٿـــان قربـــڙا، ڪـــريم ڪـــي ڪـــرين،
هٿـــڙا هـــوت ڏريـــن، پائـــل مٿـــان پاڇهـــ جـــا.

سـبقُ تنهنجـــي سـور جـــو، يڪـــو ڪـــيم يـــاد،
رڙيـــون ڪـــيم رُڃ ۾، فُرقـــت ۾ فريـــاد،
لاالـــڙ لا تعـــداد، ڳوڙهـــا ڳـــاڙيم ڳجهـــ ۾.

ڳوڙهـــا منهنجـــي ڳـــل تـــان، سُـــڪا ڪونـــ سـبيل،
ڦڪـــو رنـــگ فڪـــر ۾، دردن جـــو دليـــل،
آهـــي عشـــق اصـــيل، سـدا منهنجـــي سـرير ۾.

ڪُهـــن ٽيـــون ڪـــاتيءَ بنـــا، اڪڙيـــون تـــو آمُـــل،
ڪٽيـــو منهنجـــي قلـــب ڪـــي، ڪڪوريـــل ڪَاڪُـــل،
عشـــق بـــي پـــاڙي ول، ويڙهـــي ويـــو وجـــود ڪـــي.

هنيـــون منهنجـــو هـــار آ، اوري اڄ پايـــانءِ،
دانهـــون درد دل جـــا، سـاجن سـٽايانءِ،
راتيـــون رهايـــانءِ، ڳجهـــون ڪيـــانءِ ڳـــالهڙيون.

ڳجهيون ڪيان ڳالهڙيون، تو سان سليان سُورَ،
اوريان تو سان اندر جا، مثل سڀ مذڪور،
ٿيءُ نه دلبر دور، اجل ايندو اوچتو.

اجل ايندو اوچتو، ڪي گهڙيون مون سان گهار،
ساجن منهنجي ساهه جو، سدا تون سينگار،
سواءِ تو سنسار، سُڃو پايان سڪٽو.

جانب توريءَ جوءِ ۾، آهيان اڪيلو،
آهين آيري ڀار جو، واهر وسيلو،
مٺا ڪر ميلو، "ڪرم الله" ڪمزور سان.

ساروڻيون[1] هن ساهه ڪي، سدائين آهين،
رمزون منهنجي روح ۾، ڳهه ڳهه ڳالهائين،
جهوري[2] جهڪائين، آسون منهنجي اندر ڪي.

آسون منهنجي اندر جون، پرين پڇائين،
گهڙا گوندر[3] پريا، پوري پڄائين،
سپنا مون ساڀيان ٿين، سيني سان لائين،
مٺڙا ملائين، وٿي پنهنجي وصال جي.

(جمعه 16 رمضان المبارڪ 1436 ھ)

---

[1] يادگيريون
[2] ڳڻتي، آنڌ مانڌ، بي قراري، تانگهه، ڇڪ، سِڪ، درد، جدائي جو غم
[3] ڳڻتي، فڪر، خيال

(3)

سائينءَ جي سلام کان، سڪن سؤ هزار،
آهي عشاقن کي، پرينءَ جي پچار،
مواجه تي مون ڏٺا، روئندا زاروزار،
وٺي اوٽ عمود جي، سڏي کيون سُڏڪار،
تن کي پرينءَ پيار، ڏنا لڙڪ ڏڪڙا.

عشاقن اکين مان، جَر وهايا جام،
سُڏڪيا پئي سوز مان، وٺي نرمل نام،
انهن کي انعام، مليو مُرڪ محبوب جي.

مِٺل مون مُرڪ جي جڏهن نهاريو،
سڪايل سرير کي، ساجن سينگاريو،
لهي غم غبار ويا، قولُ پرينءَ پاريو،
سائينءَ سنواريو، منهنجي ميري من کي.

منهنجي ميري من تي، نرمل ڪئي نگاهه،
ڏوتئين منهنجي دل کي، ڏنئين روحاني راهه،
سَرهو ٿيو ساهه، پريو ڏيئو ڏات جو.

نرمل جي نگاه سان، ٿيو مَنُ مڪڻ،
رَندو لڳو روح کي، ڍالي جيئن ڍڪڻ،
ڀاريو ڀڳڻ، نظرن ساڻ نِدار کي.

محبوبن جي مِهر جو، اوسيئڙو آهي،
ويٺس وٽي درڙو، لاڳاپا لاهي،
نڌر[1] کي ناهي، بنا آريءَ آسرو.

مثل مون محبوب جي، رحمت واري ريت،
مَاسُئِلَ رَسُوْلُ اللهِ شَيْئًا قَطُّ فَقَالَ لَا[2]، پاڙي ٿو پريت،
ٿيو مَن مَسِيتِ، ساجن سنئون نهاريو.

جيڪو آيو جوءِ ۾، تنهن تي ڪر ڪهل،
ڪونهي حال حقير جو، لالڻ کان لڪل،
روحاني ڏي رمز ڪا، عشق جي اُچلَ،
تُنهنجي مهر مِثل، گهرجي هن غريب کي.

مال نه گهُري منگتو، دَانُ[3] نه گهري ڏنُ،
ميرو منهنجو مَنُ، اجارين پنهنجي عشق سان.

---

[1] لاچار، عاجز، نِڌڪو، ڪمزور، ضعيف
[2] رسول الله ﷺ کان جڏهن به جنهن ڪا شيءِ گهري ته پاڻ نه ڪيائون.
[3] اِنعام، تُحفو، سوکڙي، سوغات

(4)

سهڻو شهر حبيب جو، جيئن ڪو چوندؤ چمن،
سُرهيون ڳليون سونهن پريون، موهي وجهن مَنُ،
والي جو وطن، سهڻو سڀ سنسار ۾.

اکيون البيلون جنهن جون، چهري ۾ چمڪ
تور[1] تهين جي مور جيان، موهي ٿي مرڪ،
پاڪ تهين جي پِڪَ، جيئن ڪا رس ڪماند جي.

مديني جو شهر آ، جتي هيرن پريو ٿال،
چورن مٿان چانئو آ پرت پريو پال،
هن پيومي تي پال، وه وهوا شهر شفيع جو.

ايندو اجل اوچتو، موت نه آهي گار،
جو مئو مديني شهر ۾، بيڙا تنهن جا پار،
ٿيندو قيامت ۾ تهين، شافع شفادار،
آجو ڪندو ان ڪي، غم لاهي غمخوار،
تنهن ڪي قبر قرار، جنهن ڪي پاڙو پرينءَ جو.

ڏوري ڏٺي مون، مسجد غمامه،
جتي مِهر مينهڙا ڏٺا صحابه،
مسجد اجابه، جتي دانهن سندو داد ٿئي.

---

[1] هلڻي، چال

سُــرهي مِتــي مــديني جــي، چــاهي مشــڪ عنبــر،
ڪٽيــون پــون قــرب جــون، تــہ اوتيــو جــڻ عطــر،
وَاللّٰهِ اِنَّ تُرَابَهَــا لَمُؤْمِنَــةٌ①، پڙهــي پڪــو ڪــر،
قَــتن قُــرڙين جــي دوا، لاهــي ڪوڙهـــ ڪلــر،
ايــڏو آ اثــر، وهــوا متــي مــديني جـــي.

مــديني جــي شــهر جــي، وهــوا تــڏي هيــر،
گهوريــان هوائــون حميــر جــون، گهوريــان ملــڪ مليــر،
سُــرهو ٿئــي ســرير، گهمنــدي گهٽيــون گهــوٽ جــون.

متــو پــاڻي مــديني جــو، آهــي آبِ حيــات،
مليــل جــر جنــت ســان، سُــرهي آ ســوغات،
وَهِــيَ عَــين مِــن عُيُــونِ الجَنَــةِ②، بيــر غُــرس باغــات،
ڪهــڙي ڪجــي بــات، وهــوا پــاڻي پــرينءَ جــو.

گهٽيــون منهنجــي گهــوٽ جــون نــوراني نــور،
ســاجن جــي ســرهاڻ ســان، ملــي ســاهہ سُــرور،
درد بــہ ٿــين دور، هــن پــلاري پــونءِ ۾.



① الله جو قسم مديني جي متي ايمان واري آهي.
② مديني جو کوهہ غرس جنت جي چشمن مان هڪ چشمو آهي.

(5)

جن جي آهي جيءَ ۾ سدا سِڪ سچي،
ملامتون محبوب لئي ماٺي پيا مچي،
کندا ڪانَ ڪچي، ”ڪرم الله“ سي قرب ۾.

جن جي آهي جيءَ ۾ محبت جو مانداڻ،
تن کي درد دل ۾ سورن جي ساندڙاڻ،
سي چُلن چا جي ڪاڻ، جن کي عشق عميق آ.

جن جي آهي جيءَ ۾ ساجن جي سُڃاڻ،
لکي ساري لوڪ کان ڪن روحاني رهاڻ،
سي ڪيئندا ڪنهن جي ڪاڻ، جن کي جانب جيءَ ۾.

جن جي آهن جيءَ ۾، سندا وِرهه وٺاڻ،
ڏنا ڏاتر تن کي، محبت سندا ماڻ،
سي سِڪ سندي سُرهاڻ، وکيريندا هر واٽ ۾.

ويا جهين واٽ سان، سا واٽ پائيان وهواهه
سدا آهي سُرهي، جا ٿي پاڪ الله
قل هذه سبيلي، نائي ڪر نگاهه
رهبر واري راهه مَتيندڙ مُنا ٿيا.

مِثل ان محبوب جي جني مٿي راهه،
فَضَلُّوا وَاَضَلُّو، گونگا ٿيا گمراهه،
ٿيندا ترت تباهه، در ڇڏيو جن دوست جو.

در ڇڏيو جن دوست جو، اوڙهه ۾ پيا اُوءِ،
پٽڪيا اٽڪيا سٽڪا، ڇڏي جانب جوءِ،
لالڻ سندي لوءِ، جن ڇڏي سي ڇيهي ۾ پيا.

واهون ۾ راهون ڇڏي، لاءِ مِثل سين مَنُ،
پوتارن جي پال جا، سانگا سيئي ڇنُ،
جيءِ منجهان ڪڍ جِنُ، تہ ملي پئين محبوب سان.

مِلڻ ۾ محبوب جي، وڏو بند بنديائڻ،
دَعْ نَفْسَكَ وَتَعَالِ اجگر اوکو جاڻ،
مزا محبت ماڻ، ڪڍي ارڏايون اندر مان.

ارڏايون اندر جون، ڇونہ ڪڍين ڇورا،
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ، پالي ڏس پورا،
جانب جا ٿورا، ڪيئن وساريئي ويسرا.

انــــدر منجهـــــ اوچتـــــا، ڇُـــري پيـــا چنـــگ،
جهـــوري ويـــا جـــيءَ کـــي، کـــري مســـت ملنـــگ،
روح رچايـــــا رنـــــگ، آديســـــي جـــــي عشـــــق ۾.

آري تنهنجـــــي عشـــق جـــــي، لات لڳـــــي لا ريـــــب،
ميٺـــي مـــديون مـــون ســـنديون، ڍولـــڻ ڍڪـــين عيـــب،
تـــو تـــان هـــوت حبيـــب، گهـــوري جانـــب جنـــد مـــون.

تـــوريءَ منهنجـــي تـــن ۾، نـــہ طلـــب نـــہ رهـــي تـــات،
آڏي اوســـــاريان اٿـــــي، پرهـــــ ڦٽـــــي پريـــــات،
جيتـــر حـــال حيـــات، هونـــدس تنهنجـــي حـــب ۾.

نرمـــل هـــن نِـــدار کـــي، کـــوئي کـــر قريـــب،
منهنجـــي محبـــت مـــرض جـــو، آهـــين تـــون طبيـــب،
لالـــڻ تـــون لبيـــب، آهـــين منهنجـــو آســـرو.

کـــونهي کـــوئي آســـرو، ســـاجن تـــو ســـواءِ،
مرضـــن مـــاريو مـــن کـــي، دلبـــر کـــر دواءِ،
شـــافي ڏســـي شـــفا، "کـــرم الله" کمـــزور کـــي.

(6)

مديني ۾ مهر جا، مالڪ وسايا مِينهن،
رحمت برڪت رب جي، وسي راتو ڏينهن،
جنهن کي نازڪ نينهن، ڪٿي ويندو خير سان.

ڏونگر پرينءَ جي ڏيهه جا، سيئي پايان سون،
اُچو تن ۾ احد آ، لال جهين جو لَون،[1]
آهي ڪٿي ڪون، اهڙو جبل جهان ۾.

ڏسڻ هن ڏونگر کي، سارو آ ثواب،
جبل من جبال الجنة، ڪيدي ڏس ڪتاب،
جبل احد يحبنا و نحبه، خاصو آ خطاب،
اکين اوتيو آب، ڏسي اوچائي احد جي.

شهر منهنجي شاهه جو، چپر چورن پال،
روز رَسن تا قافلا، موٽن وٺي مال،
ڪري پورل پال، وڏا وڙ ولهين تي.

ڪتان ڪتان قافلا، جبلَ جهاڳيائون،
آڳر تي عجيب جي، لڏا لاٿائون،
ڏوري ڏٺائون، مُلڪ مٺي محبوب جو.

[1] رنگ. احد جبل جو رنگ ڳاڙهو آهي.

آيـــون منـــل جـــي مـــاڳ تـــي لاريـــون پرجـــي لـــک،
کـــائن کتـــائن کينکـــي، راڻـــا پيچـــي رک،
ســـاجن ڏئـــي ســـک، اڳـــڻ جيکـــي آئيـــا.

اڳـــڻ جيکـــي آئيـــا، اڳـــلا ويـــا اگهـــي،
ادلا گـــدلا ايـــرا، ويـــا لـــک لنگهـــي،
لهـــي ســـار سِـــگهي، ننگـــيءَ ننـــگ نيـــائيو.

اتـــر اوڀ احـــد جـــي، ڏکـــڻ عيـــر جبـــل،
وچ ۾ مـــون محبـــوب جـــو، موچـــارو محـــل،
اويـــر منجهه امـــل، بـــاب بقيـــع آ ســـامهون.

يـــاڳ وارا بقيـــع ۾، آســـودا آهـــين،
روضـــو پـــاک رســـول جـــو، نميـــو نهـــارين،
مـــزا تـــا مـــاڻين، قـــدمن ۾ کـــريم جـــي.

جيکـــي پـــاڙي پـــرينءَ جـــي، مـــانَ مٿاهـــان تـــن،
روضـــو پـــاک رســـول جـــو، ڏهـــاڙي ڏســـن،
محشـــر مهـــل انهـــن، ملـــي شـــفاعت شـــاهہ جـــي.

مسجد نبوي ۾ وڏي روح سندي راحت،
ملي مشتاقن کي اتي فيض وڏي فرحت،
سڪ واري ساعت، صدقي صديون ان مٿان.

حبيبن جي حرم ۾، مهر سندا مينهن،
ڏيکاري شل ڏکين کي، ڏاتر اُهي ڏينهن،
لڳا نوان نينهن، محبوباڻي ماڳ جا.

قبا ۾ قائم ڪئي، جنهن پي نفل نماز،
رب جو آهي راز، اجر عمري جيترو.

محبوباڻي ماڳ جي، هيم سڪ سجيهہ،
اتي آڏيءَ جو ڪيم، روئي وڏي ريهہ،
قادر قبولي ڪيهہ، پهتس در دلدار جي.

ڏاڍو پنهنجي ڏيهہ جي، ارڏن ايذايو،
مُتن مهڻن سان هٺي، طعنن تپايو،
پهچان پرينءَ پار ڏي، هيو روح سندو رايو،
پرور پڄايو، مهر سان مسڪين کي.

لوڪ نہ آهي روڪ، جيڪو چوي جيئن،
اسان پرينءَ سان تيئن، لاتو ناتو نينهن جو.

ڪيني پريا ڪنجهرا، ساڙ حسد هيڪانڊ،
پالها تني پانڊ، ميرائي جن من ۾.

پنهل تنهن پڳدار جو، ڏيهه ڏسان ڏوري،
وجهان وڪ وڏانڊري، سڪ منجهان سوري،
عدن[1] اجا اوري، اڳيان ماڙيون مير جون.

اڪر جني عشق جو، پڙهي پچايو،
تني سور سرير ۾، سِپ جان سجايو،
لايو سجايو، تني سندو طلب ۾.

سُرڪن سدا ساهه ۾، ساجن تنهنجا سور،
رينگن منهنجي روح ۾، پلپل تنهنجا پور،
ڪيڏو ڪيئي ڏور، "ڪرم الله" ڪمزور ڪي.

دري ڪُلي دلدار جي، جاني ڏنم جهَٽ،
ڦلوڪڙا ڻ ۾ ڦٽَ، لٿا منهنجي من جا.

---

[1] بهشت جو هڪ طبقو آهي.

(7)

جهار پڪي پوک جي، جيئن ٿي ڪري پيل،
وڻ ڪي ويڙهي ٿي جيئن، ٻي پاڙي ۾ ٻيل،
تئن آ وڏو ويل، تنهنجي سور سرير ۾.

جانيءَ ڪان جدا، گذري ڪين گهڙي،
سورن ساڙيو ساهه ڪي، اوڪي جند اڙي،
لالڻ آءُ لڙي، موتي مثل ماڳ تي.

جاني منهنجي جند آ، ويدن ۾ هر ويل،
جبل جيڏي هر گهڙي، ساعت پايان سيل،
ڪر ڪو مٿا ميل، ”ڪرم الله“ ڪمزور سان.

مون ۾ مدايون گهڻيون، پاندو آ پرپور،
ڏوهن ڏاريو ڏيل ڪي، نچوئي ويا نور،
ها، پر تون ضرور، ڪندين مِهر مُٺيءَ تي.

عارف اٿو اندر ۾، اوتج آب حيات،
جيءُ جيرو ٿي پوي، موذي ٿئي مات،
هجي ڏينهان رات، تنهنجي وسهن وجود ۾.

پنهنجي ميري من تان، ڌوئي ڇڏج ڌوڙ،
قلبي سِري صاف ڪر، ڪوري ڪپت ڪوڙ،
خفي اخفيٰ ۾ عشق جا، خيما اٿي ڪوڙ،
نچوئي ڇڏ نفس جي، رز الست ءِ رُوڙ،
پِرَ جي وٽ پَرُوڙ، لاهه غبارا غير جا.

هيئت وحداني مٿان، اماڻج اسرار،
والي وارداتن جي، ڪرين وارووار،
منهنجو جيءُ جيار، اوتي آب حيات سان.

سريءَ ۾ سوين مليون، قلبيءَ ۾ قرار،
روحي رمزون ڪُليون، خوشبوءِ خفيءَ خرار،
اخفيٰ ۾ اسرار، ڏاتر مون ڏيکاريا.

لطائف ۾ لطف جي، توڙي آ تلوين،
سالڪ پنهنجي ساهه کي، طالب ڏي تمڪين،
ظاهر ٿي نه ذهين، صامت رهج سور سان.

اخفي اندر عشق جا پاري ڏس پارڻ،
ڪيڏي غير غلاظتون، اورج ايءَ آسڻ، [1]
ڪونهي پيو ڪارڻ، بنا اسم الله جي.

نينهن نفي اثبات سان، اسم ذاتي اور،
سائرَ سير الي الله جو، ڏاها اٿي ڏور،
مراقبات مشارب ۾، ڪاٽي ڪلفت ڪور،
جانب تان جند گهور، تہ پسين سڳَ [2] سُلوڪ جا.

سالڪ سمهڻ ڇڏ، جاڳي منزل جهاڳ،
محبوباٽو ماڳ، ڏسن ڏورڻ واريون.

سالڪ سير الي الله ۾، ڪاهي ڪاهيون ڪاهہ،
عزت دولت شهرت، تنهين ڪي ڏي تاهہ،
پنهنجي نام نمود جو، ڪيج چُڪِ مان چاهہ،
ساجن ڪي ڏي ساهہ، بوتو بندن وچ ۾.

ڪڏهن وسرن ڪينڪي ڪيئي جي ٿورا،
سائين سڳورا، تنهنجي سڪ سرير ۾.

---

[1] ماڳ ، مڪانُ، فقيراڻو تڪيو، اوتارو، آستانو
[2] پارَ ، نِشانَ

(8)

تنهنجي عشق اُلوٽ، جَرڪائي مون جِندڙي،
اُڪڙ ي وئي اَڪَيُوٽ، نهاريو تو نينهن سان.

سِڪي سوز فراق ۾، هيءَ جا منهنجي هنجهه،
اوري اچ تہ اوريان، لهن مَنَ جا مُنجهه،
رمندي هي رِنجهه ڪِنجهه، لهندم هول هيانوَ جا.

جي تون اوڏو اک ڪي، تہ ٿئي ساهُ سُڌير،
مون ڪي وڍيو ورهہ جي، شوق واري شمشير،
آهي اُڪَنڊَ اُڪير، جانب منهنجي جيءَ ڪي.

روئان راتيون رُج ۾، جاني پساءِ جمال،
درد وندي دلگير جو، هيڏو اٿئي حال،
خادم جو ڪر خيال، جو جيئي تنهنجي تؤنسلي.

سڏڙا ڪيان سڪ مان، سگهو لهہ تون سار،
پنهنجا پراوا ٿي ويا، ڪوٺا ڪائن خار،
دلبر ڪرا ديدار، ”ڪرم الله“ ڪمزور ڪي.

درد جيڪو دل ۾، تنهنجو تون طبيب،
سُورَ تنهنجي سوز جا، پايان ذوق ذبيب،
اوري اچ عجيب ،تہ عيدون ڪيان اڄ مُنديون.

ساجن تنهنجي سڪ ۾، مُونجهو آهي مَنُ،
اُڃيو بکيو جيئن، پڇي پٽيان آب ۽ آنُ،
سائين مون صَحَنُ، اچ ته اُجرو ٿي وڃي.

واجهايان هر واٽ، حيراني ۾ هاڻ،
هر هر حاسدن جي، ڪيدان ويٺو ڪاڻ،
ڏي ڪو محبت ماڻ، ته پايان تنهنجي پيار کي.

رمز منهنجي روح ۾، جانب جاڳائي،
ڏوڙ لاهي دلڙي، آ جانب جَرڪائي،
ملي واڌائي، واحد جي وصال جي.

عزت دولت شُهرت، ٿيئي وڏا ٽول،
هٿائن هن راهه کان، وجهن جي ۾ جهول،
جيڪي راتين رول، سي ڇا ڇاڻن ڇام کي.

ڪائڻ، سمڻ، ڳالهائڻ، ٿيئي گهوٽ گهٽاءِ،
تڏهن تو ملنداءِ، پرک پريان جي پار جي.

الا! عاشقن لئي راتيون جوڙيون رب،
ڏورن ڏونگر ڏيهه جا، ڇڏي سانگ سبب،
من جا ڇڏ مطلب، ته اوڏو ٿين الله کي.

لوئي ڏسي لال تون، نيڻن کي نماءِ،
إِنَّ النَّظْرَةَ سَهْمٌ مِنْ سِهَامِ إِبْلِيسَ مَسْمُوْمٌ ، [1] واتون نا واجهاءِ،
دل کي داغ نه لاءِ، نهاري ڪا نينگري.

اٿي اسر ويل جو، وسٽو آهين وَسُ!
جَرڪا پنهنجي جيءَ کي، ڪوري ڪيج ڪَسُ،
جانب ڏيندئي جَسُ، ملندئي ماڳ محبوب جو.

هڻي ضرب ذڪر جي، وجود تي ڪر وار،
مارج نانگي نفس کي، کاءُ پنهنجي خار،
پوءِ پرينءَ جو پيار، سگهو ملندئي ساهه کي.

ڌُونهاٽيلَ دل کي، اسم ساڻ اُجارِ،
اٿي اسر ويل جو پڙهه پيو استغفار،
ڏيندئي رب جبار، جوڙي جايون جنت ۾.

اونهو پاڻي عميق جو، پيا مانگر وڏا مچ،
جهوني ٻيڙي جَهڪ ۾، ڏي ڪو رهبر رچ،
موجن مارو ڪيو، جيئن ڪنهن ڪئي ٿن بَچ،
ڏي تون ڪامل ڪچ، "ڪرم الله" ڪمزور کي.

---

[1] إِنَّ النَّظْرَةَ سَهْمٌ مِنْ سِهَامِ إِبْلِيسَ مَسْمُوْمٌ المعجم الكبير للطبراني(173/10)
بيشڪ ڌاري عورت ڏانهن نظر ڪرڻ شيطان جي زهر آلوده تيرن مان هڪ تير آهي.

جيڪو لُٽِيُئي لوڪ کان، ناٽو ٿيندئي نانگ،
الدنيا جيفة و طالبها ڪلاب، ڏُري ٿيندين ڏانگ،
ڇڇي ويندئي ڇانگ، سامهون سَگهي سرڪار جي.

سامهون سَگهي سرڪار آ، هوش سنڀالي هل!
ڪم نه ايندئي ڪڏهين، ٻاروچا ٽوٻلّ،
آيو چاڙ اجل، غافل ٿيءُ نه غير ۾.


توکي آلَّ اڌِڙَ جي، لوڪان لڌ لڏان،
اجل اچ سيان، ايندو توتي اوچتو.

آيو جهوڪ جهَڪور، جهوري ويو جهوپڙيون،
ماندا ڏنم مور، پدرا ٿي پيا پٽ ۾.

مايا مٿي مِير! توکي آهي تڏّ،
سڄو ويندين سڪٽو، هيءُ نه هلندئي هڏّ،
ڇيڏڪ اهي ڇڏ، وٺ رباني راه تون.

ايرن مٿان اُس، ڇانوَ نه جن جي ڇَنّ،
